## درجو ڇهون
## سنڌي ڪامپوزٽ (گڏيل) ڪورس - سنڌوُ ڀارتي

### اَڀياس ڪرم

* ’مهاراشٽر راڄيه اڀياسڪرم کاڪو - ٢٠١٠‘ موجب سکڻ سيکارڻ جي ترتيب ۾ وقت جي ضرورُتن موجب مُناسب تبديليوُن آنديوُن ويوُن آهن.
* درجو ڇهون - سنڌو ڀارتي ڪتاب تيار ڪرڻ وقت هيٺيان مقصد نظر هيٺ رکيا ويا آهن.

درسي ڪتاب ۾ ڏنل نثر جي مواد کي شاگرد سمجهي سگهي. درسي ڪتاب ۾ سمايل نظم ڀاڱي ۾ ڪوتائن جي ڀاو کي شاگرد سمجهي سگهي.

* نثر ۽ نظم سان لاڳاپو رکندڙ توڙي لاڳاپو نه رکندڙ مشغولين ۾ چاهه ۽ وندر سان بهرو وٺي شاگرد پنهنجي اظهار شڪتي، ڪلپنا شڪتي، عملي شڪتي ۽ سرجڻ شڪتي وڌائي سگهي.
* ’ڀاڻ سڪان، ڀاڻ ڪريان‘ متي تي عمل ڪري شاگرد پنهنجو آتم وشواس وڌائي سگهي.
* ڏسي ۽ ٻڌي ڪري شاگرد بنا چوڪن لکڻ جو هُنر وڌائي سگهي.
* ١ کان ١٠٠ تائين انگ، اکرن ۽ عددن ۾ شاگرد لکي سگهي.
* ساهتيه جي الڳ الڳ قسمن کي پڙهڻ جو آنند وٺي سگهي.
* پکين، مُندن، جانورن، پيشن اِنهن جا نالا ٻڌائي ۽ لکي سگهي.
* صِحت، پرياورڻ، سماجڪ مسئلن بابت، شاگرد ۾ سُڄاڳي اَچي.
* گهر، اسڪوُل، پاڙو، سماج ۽ ديش ڏانهن جوابداريوُن شاگرد سمجهي سگهي.
* گهر، پسگردائيءَ وارا آزمودا، گهٽنائوُن، ڪلاس ۾ دوستن سان ونڊي سگهي.

خط ۽ ننڍا مضموُن لکي سگهي.

## اَڀياس

سوال ۱ : هينين سوالن جا جواب لکو :-

۱) پاڇو ڪهڙي رنگ جو آهي؟
۲) پاڇو گيدي ڪيئن آهي؟
۳) ڪويءِ پاڇي کي ڪنهن وقت غائب ڏٺو؟
۴) پاڇو ڪويءِ جو يار ڪيئن آهي؟

سوال ۲ : هينين ۾ خال ڀريو :-

۱) صفا .......... آ، مون جهڙو پيارو.
۲) اَڪيلو نہ گهاري .......... آهي گيدي.
۳) ڪڏهن ڏس تہ آهي .............. يار پاڇو.

سوال ۳ : جوڙا ملايو :-

| | |
|---|---|
| ۱) اِهو ڪارو ڪارو | گڏ تو گذاري |
| ۲) هوُ گونگو | هو پرڀات ويلو |
| ۳) صبح شام مون ساڻ | مزي موج وارو |
| ۴) اُٺيس مان سويرو | ڪري ڪانہ گُفتار پاڇو |

سوال ۴ : ساڳئي اُچار وارن لفظن جا جوڙا ملايو :-

گيدي، يار، مُنهنجو، ننڍڙو، ڀار، شيدي، تُنهنجو، وڏڙو

| | | | |
|---|---|---|---|
| (۱)................ ................ | (۲)................ ................ | (۳)................ ................ | (۴)................ ................ |

سوال ۵ : بيت جون سٽون لکي پوريون ڪريو :-

۱) اَڪيلو نہ گهاري ........................................ گُفتار پاڇو.
۲) اهو ڪارو ڪارو ........................................ ٿئي ڏار پاڇو.

هدايت :- ۱) ماستر شاگردن کي بيت سُر تال ۾ ڳائي ٻڌائيندو ۽ شاگردن کان چوائيندو.
۲) ماستر شاگردن کي هٿ جي آڱرين سان اَلِفُ اَلِفُ آڪار جا پاڇا ناهي ڏيکارڻ لاءِ همٿائيندو.
مشغولي :- ماستر شاگردن کي پاڇو ۽ عڪس جي وچ ۾ فرق سمجهائيندو.

## پورڪ اَڀياس

۱- بيت جي آڌار تي خاڪو پورو ڪريو.

| لفظ | واسطيدار لفظ | لفظ | واسطيدار لفظ |
|---|---|---|---|
| ۱. مان | ........................ | ۴. بلڪل ساڳيو | ........................ |
| ۲. جيڪو ڳالهائي نہ سگهي | ........................ | ۵. نظر کان پري | ........................ |
| ۳. وقت | ........................ | ۶. جُدا | ........................ |

